# هوچي مِنهه

(مختصر حياتيءَ جو احوال ۽ سندس چونڊ لِکڻيون)



ترجمو ۽ ترتيب: منير احمد

سنڌي عوامي برقي ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# ترتيب

| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| • | حياتيءَ جو مختصر احوال | 3 |
| 1 | ليننزم ڏانهن منهنجي راهه | 12 |
| 2 | لينن ۽ اوير | 15 |
| 3 | هاري ڪارڪنن ڏانهن نياپو | 18 |
| 4 | دانشورن سان گفتگو | 20 |
| 5 | شاديءَ ۽ خاندان تي قانوني مسودو | 24 |

ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# هوچي مِنھ

## حياتيءَ جو مختصر احوال

هدوئيءَ ۾ 3 سيپٽمبر 1969ع تي، جمهوري ريپبلڪ آف ويٽ نام جو پريزيڊنٽ، ورڪنگ پيپلز پارٽي آف ويٽنام جي سينٽرل ڪميٽيءَ جو چيئرمين، بين القوامي ڪميونسٽ ۽ پورهيت طبقي جي تحريڪ جي نمايان شخصيت، ويٽ نامي انقلاب جو اڳواڻ ۽ منظم ڪندڙ، اڄ جي دور جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ جو ممتاز اڳواڻ ۽ سوويت يونين جو عظيم دوست، ڪامريڊ هوچي مِنھ گذاري ويو.

هوچي منھ (ويٽنامي ۾ ساماٽيل ڏاهو) پنهنجي زندگيءَ جي هر گهڙي عوام جي خوشحاليءَ لاءِ لڙندڙ جي حيثيت سان گذاري. هو هڪ سرگرم انقلابي ۽ پڪو مارڪسٽ ليننسٽ هو. هو ويٽنام جي جدوجهدِ آزاديءَ جو مجيل اڳواڻ ۽ ڏکڻ اتر ايشيا ۾ سڀ کان پهرين سوشلسٽ رياست جو منتظم هو.

هوچي منھ (سندس اصل نالو نگوين ٽيٽ ٿانھ هو) 19 مئي 1890ع ۾، ’نگي اين‘ صوبي جي ’نام ڊام‘ ضلعي ۾، ڳوٺ ’ڪم لي اين‘ جي هڪ ڳوناٽي استاد جي خاندان ۾ ڄائو. پنهنجن ڪيترن سالن جي ڏکين انقلابي سرگرمين جي دوران، پوليس جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ، هو ڪيترا پيرا پنهنجا نالا بدلائيندو رهيو. سندس آخري نالو (هوچي منھ)، جيڪو هن 1942ع ۾ اختيار ڪيو، سو بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخ ۾ مستقل طور پئجي ويو.

نوجوانيءَ کان ئي وني هوچي منھ انقلابي سرگرمين ۾ بهرو وٺڻ لڳو. پندرهن سالن جي عمر ۾ هيءُ فرانسي بينڪي راڄ جي خلاف وڙهندڙ مقامي جمهوريت پسند محب وطنن لاءِ پيغام پهچائڻ جو ڪم ڪرڻ لڳو. اسڪول جي تعليم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هو ’هيو‘ جي نيشنل ڪاليج ۾ پڙهڻ لڳو ۽ اتي غيرمعمولي صلاحيت ڏيکاريائين. 1910ع ۾ هن پڙهڻ اتيئي ڇڏي ڏنو ۽ ’ڊڪ ٿانھ لاسي‘ ۾ نائب ماستر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. 1911ع ۾ هوچي منھ

سائگان ووڪيشنل اسڪول مان گريجوئيشن ڪئي. هن پنهنجي وطن جي ماڻهن کي آزاد ڪرائڻ جي راهه ڳولڻ واسطي وسيع مطالعي لاءِ ٻاهر جي سفر، اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ مقصد لاءِ هيءُ فرانسي بحري جهاز ۾ چڙهيو ۽ 1911ع ۾ فرانس جو سفر اختيار ڪيائين. سال کن تائين هيءُ مختلف فرانسي ٻيڙين ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ اسپين، پورچيگال، پڻ الجزائر ۽ ٻين آفريڪي ملڪن جو دورو ڪندو رهيو، سفر دوران هن جيڪي مشاهدا ڪيا، انهيءَ مواد کي، هن پوءِ پنهنجي ڪتاب 'فرانسي ٻيتڪي راڄ جي ناڪامي'، ۾ استعمال ڪيو. انهيءَ ڪتاب جو قومي آزادي لاءِ وڙهندڙن طرفان وڏو قدر ڪيو ويو.

آفريڪا کان موٽي، هوچي منهه لنڊن ويو، جتي هن واڍي، رستي جي ٻهاري ڏيندڙ ۽ ڪارلٽن هوٽل ۾ ٻورچيءَ جي نائب جي حيثيت سان ڪم ڪيو. سندس ٽڪائيندڙ ڏنڌا ڪيس، انهيءَ ملڪ جي انقلابي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ (جنهن ملڪ ۾ پاڻ رهيل هوندو هو) کان نہ جهلي سگهندا هئا، ۽ نڪو ئي سندس مطالعي ۾، ۽ پنهنجي عوام جي خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي سگهندا ها.

1914ع جي وچ ڌاري هوچي منهه، آمريڪي عوام جي زندگيءَ ۽ جدوجهد ۽ اتي جي سماجي سياسي نظام کان واقف ٿيڻ لاءِ 'يو ايس اي' ويو. پهرين مهاياري لڙائي جي خاتمي تي، هو پيرس وريو. هتي پيرس ۾ فوٽن کي درست ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ لڳو ۽ انقلابي لٽريچر ورهائڻ لڳو.

هوچي منهه پهريون ويٽنامي هو، جنهن روس جي عظيم آڪٽوبر انقلاب جي اهميت کي محسوس ڪيو ۽ ٻيتڪي نظامن ۾ آزادي ماڻڻ لاءِ مارڪسزم ليننزم جي راهه کي سڃاتو.

ڪيترن سالن کان پوءِ ڪامريڊ هوچي منهه لکيو: " آڪٽوبر انقلاب سج جي روشنيءَ وانگر پنجن ئي کنڊن کي روشن ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪروڙين مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن کي سجاڳ ڪري ڇڏيو آهي."

جڏهن 1919ع ۾، ورسيلز ۾ امن ڪانفرنس ٿي رهي هئي تہ "ويٽ نامي محب وطن گروهه"، پاران هوچي منهه، "ويٽ نامي عوام جي دعوائن جي لسٽ"، ڪانفرنس ڏانهن موڪلي. جنهن ۾ ويٽ نام لاءِ بنيادي آزادين جو مطالبو ڪيل هو. ورسيلز ڪانفرنس انهن مطالبن ڏانهن ذرو بہ ڌيان نہ ڏنو. پر اها دعوائن جي لسٽ، فرانسي سوشلسٽ اخبار Le Populaive ۾ شايع ٿي ۽ دنيا جي آڏو، فرانسي

نوآبادياتين جي طرفان ويٽ نام ۾ کيل ڌوهن جا وکا پڌرا ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيائين.

1920ع ۾ هوچي منهه، فرانسي سوشلسٽ پارٽين جي ڪانگريس ۾ وڃڻ لڳو، جيڪا 'ٽوئرز' ۾ منعقد ٿي هئي. انهيءَ ڪانگريس ۾ لينن طرفان قائم ڪيل ٽردِ انٽرنيشنل جي ڄمي حمايت ڪيائين. هيءُ پهريون ويٽ نامي هو، جيڪو فرينچ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، جيڪا ٽوئرس ڪانگريس ڪانپوءِ ناهي ويئي.

فرانس ۾ رهڻ جي دوران، هوچي منهه اتي رهندڙ ويٽ نامين ۾ سرگرميءَ سان انقلابي ڪم ڪندو هو، ۽ پنهنجي ملڪ سان مستقل لاڳاپو قائم ڪيل هوس ۽ اوڏانهن مختلف قسم جو انقلابي لٽريچر موڪليندو رهندو هو. فرانسي ڪامريڊن جي سهڪار سان، هن 1921ع ۾، پيرس ۾، "بينڪي عوام جي يونين" جو بنياد وڌو ۽ Le Paria (مظلوم) نالي سان هڪ اخبار ڪڍيائين. هن اخبار جو پاڻ ئي مئنيجر ٿيو، چيف ايڊيٽر ٿيو، خزانچي ٿيو ۽ ورهائيندڙ ٿيو. هيءَ اخبار ويٽ نام ۾ ۽ فرانس اندر رهندڙ ويٽ نامي مهاجرن ۾ ڏاڍي مقبول ٿي. اخبار پنهنجي پڙهندڙن کي سوويت زندگيءَ جي باري ۾ ۽ مارڪسي لينني سکيا جي باري ۾ ٻڌائيندي هئي.

جون 1923ع ۾ هوچي منهه بين الاقوامي هاري تنظيم ۾ حصو ورتو ۽ انهي جي مجلس عمل جو ميمبر چونڊيو ويو. انٽرنيشنل پاران اختيار ڪيل پڌرنامي جو ترجمو ڪيائين ۽ انهيءَ جي ورهائڻ جو انتظام ڪيائين. 1924ع ۾ هيءُ فرينچ ڪميونسٽ پارٽي جي ميمبر ۽ ڪالونين جي ڊيليگيٽ جي حيثيت سان ماسڪو ۾ منعقد ٿيندڙ، پنجين بين الاقوامي ڪميونسٽ ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيو، ۽ ڪامنٽيرن جي مجلس عمل جي اوڀر واري حصي جو مستقل ميمبر نامزد ڪيو ويو. سوويٽ يونين ۾ پنهنجي انهيءَ مختصر عرصي جي رهائش جي دوران ۾ هن ٻه ڪتاب لکيا: 'چين ۽ چيني نوجوان'، ۽ 'ڪارو نسل'، جن ۾ بينڪي نظام جا وکا پڌرا ڪيا ويا ۽ انهيءَ جي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو سڏ ڏنو ويو.

پنهنجي ملڪ کي، ڌارين جي غلاميءَ مان ڇڏائڻ لاءِ، هڪ ويٽ نامي محب وطن جي حيثيت سان پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڪندي، هوچي منهه، تيزيءَ سان سوشلزم ۽ غيرفاني لينني سکيا ڏانهن وڌڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن

پنهنجي هڪ پمفليٽ ”اُها راهه جنهن منهنجي ليننزم ڏانهن رهنمائي ڪئي“ ۾ لکيو: ”سڀ کان اڳ ۾، اُها حب الوطني هئي، نڪو ڪميونزم، جنهن مونکي لينن ۾، ٽين انٽرنيشنل ۾ ويساهه آڻي، اوڏانهن نيو. درجي بدرجي، جدوجهد سان گڏوگڏ، مارڪسزم جو مطالعو ڪندي ۽ ساڻ ئي عملي سرگرمين ۾ حصو وٺندي وٺندي، مان آهستي آهستي هن حقيقت تي پهتس تہ رڳو سوشلزم ۽ ڪميونزم ئي آهي، جيڪو مظلوم قومن کي، سڄي دنيا جي پورهيت عوام کي، غلاميءَ مان آزاد ڪرائي سگهي ٿو.“

ڊسمبر 1924ع ۾ هوچي منهه ڪينٽين (چين) ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ ويٽ نامي انقلابي تنظيم کي منظم ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. جون 1925ع ۾ هن ”ويٽ نام جي نوجوان انقلابي ساٿين جي جماعت“ ’دلين جو اتحاد‘ جي بنياد تي ناهي، جيڪا 1923ع ۾ نهيل هئي. هن تنظيم جو رخ، هوچي منهه ويٽ نام ۾ مارڪسزم ليننزم جي پرچار کي وڌيڪ تيز ڪرڻ ۽ انقلابي تحريڪ جي مڙني ترقي پسندن کي متحد ڪرڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ساڳي وقت هوچي منهه، بين الاقوامي سطح تي قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙن کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ لڳو. انهيءَ مقصد لاءِ هن ’ايشيا جي مظلوم عوام جي يونين‘، قائم ڪئي، جنهن ۾ ڪوريا، انڊونيشيا، ملايا، هندستان، چين ۽ ويٽ نام جا نمائندا شامل هئا.

1927ع ۾ هوچي منهه ’انقلابي راهه‘ نالي پمفليٽ لکيو، جنهن ۾ ويٽ نام جي انقلابي تحريڪ جي مکيہ لاڙن (Trends) جو تعين ڪيو ويو.

چين ۾ چيانگ ڪائي شيڪ جي اوچتي انقلاب دشمن فوجي ڪاروائيءَ جي ڪري نہ رڳو چينين کي وحشي انتقامي ڪاروائين جو شڪار ٿيڻو پيو، پر ويٽ نامي ڪميونسٽن کي بہ نشانو ناهيو ويو.

ڪامريڊ ايسوسيئيشن جي سينٽرل ڪميٽيءَ جي فيصلي پٽاندڙ هوچي منهه 1927ع ۾ شنگهائي ويو ۽ اتان ڪانپوءِ ’يو ايس ايس آر‘ ويو. انهيءَ کان پوءِ هن برسيلز ۾ جنگ دشمن ڪانگريس ۾ حصو ورتو، فرانس، جرمني، سوئٽرزلينڊ ۽ اٽليءَ جو دورو ڪيائين، 1928ع جي سرءُ ۾ ٿائيلينڊ آيو، جتي ويٽ نامي مهاجرن جي انقلابي تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

فرانسي اختياريءَ وارا هوچي منهه کي لڳاتار تلاش ڪندا رهيا، پر ڪامياب نہ ٿيا، ۽ 1929ع ۾، سندس غيرحاضريءَ ۾، انڊوچائنا ۾ انقلابي تحريڪ ۾ حصي وٺڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏنائون.

1929ع ۾ ’ويٽ نام جي انقلابي نوجوان ساٿين جي جماعت‘ ۽ نئين ويٽ نام پارٽي، ٽن خودمختيار ڪميونسٽ تنظيمن ۾ ورهائجي وئي ۽ هرڪا پنهنجي ليکي ڪم ڪرڻ لڳي. انهيءَ کي آڏو رکندي، ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي تنظيمي ڪاميٽيءَ، انڊوچين جي ڪميونسٽن ڏانهن هڪ خط لکيو. جنهن ۾ بيان ڪيو ويو ته، انڊوچيني ڪميونسٽن جو اهم ۽ قطعي تڪڙو ڪم هيءُ آهي ته، هو ترت پرولتاريہ جي انقلابي پارٽي ناهين.

هوچي منهه هانگ ڪانگ موٽي آيو ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي انتظاميہ ڪميٽيءَ جي هدايتن پٽاندڙ، ڪميونسٽ تنظيمن جي نمائندن جو گڏيل اجلاس ڪوٺايائين. 3 فيبروري 1930ع تي هن گڏجاڻيءَ ۾ ويٽ نام ڪميونسٽ پارٽي ناهي، جيڪا ٻن ٽن مهينن کان پوءِ، ڪميونسٽ پارٽي آف انڊوچائنا سان سڃاڻجڻ لڳي. هوچي منهه گڏجاڻيءَ ۾ اهو ٻڌايو ته، اهو لازمي آهي تہ ويٽ نام ۾ پهرين قومي جمهوري انقلاب ۽ انهيءَ کان پوءِ سوشلسٽ انقلاب آندو وڃي.

5 جولاءِ 1931ع ۾ برٽش اختياريءَ وارن هانگ ڪانگ ۾ هوچي منهه کي گرفتار ڪيو، جتي هو ’ٽانگ وان ايڪسو‘ جي نالي سان رهندو هو ۽ ڪيس ٻن سالن جي لاءِ جيل جي سزا ڏني وئي. جيل مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هيءُ ڪجهه مهينن لاءِ آموئي (Amoy) ۽ شنگهائي ۾ پناه وٺندو رهيو. 1934ع ۾ هيءُ وري ٻيهر سوويت يونين ڏانهن ويو، جتي هو لينن انٽرنيشنل اسڪول ۾ داخل ٿيو، هن اداري ۾ قومي ۽ بينڪي مسئلن تي تحقيق ڪرڻ لڳو. 1935ع ۾، ڪامنٽيرن جي ستين بين الاقوامي ڪانگريس ۾ حصو ورتائين.

1939ع جي ابتدا ۾ هوچي منهه چين ويو جتان ويٽ نام جي تحريڪ سان ناتا قائم ڪيائين ۽ ساڳي وقت ڪميونسٽ پارٽي آف چين جي ڪم ۾ سرگرمي سان حصو ورتائين.

1940ع جي آخر ۾ هوچي منهه ويٽ نام ڏانهن موٽي آيو. ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجي ڊگهي عرصي جي دوران هن مارڪسزم ليننزم جو گهرو مطالعو ڪيو، بين الاقوامي انقلابي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو ۽ وسيع سياسي تجربو حاصل ڪيو، جنهنکي پوءِ هن انتهائي ذهانت سان، ويٽ نامي انقلاب جي نظريي ۽ عمل سان لاڳو ڪيو.

ويٽ نام ۾ موٽڻ شرط هن اڻ ٿڪ سرگرمين جي ڪُن ۾ ٽپي هنئي. هن پارٽي ڪارڪنن لاءِ ڪورسن جو انتظام ڪيو، عوام ۾ پرچار جو ڪم ڪيو،

وطن جي آزاديءَ لاءِ تنظيمون ٺاهيائين، انقلاب واسطي فوجي قوتن کي منظم ڪرڻ جو عظيم ڪم ڪيائين ۽ ’آزاد ويٽ نام‘ جي نالي سان اخبار ڇاپيائين. 1940ع ۾ هن انڊوچائنا ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي مڪمل اجلاس جي نگراني ڪئي، جيڪا ’پيڪ بو‘ (اتر ويٽ نام) ۾ منعقد ٿي. هن گڏجاڻيءَ ۾، فوجي بغاوت لاءِ تياري ڪرڻ ۽ گوريلا اڏا ٺاهڻ جا فيصلا ڪيا ويا. هن مڪمل اجلاس ملڪي صورتحال جو گهرو تجزيو ڪيو ۽ ويٽ نام انقلاب جي اوسر لاءِ نئون، اهم، اڳتي وڌيل عمل جو وسيع پروگرام اختيار ڪيو. ”پارٽيءَ جي هن سينٽرل ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ آگسٽ 1945ع واري سوپ لاءِ راهه پڪي ڪئي.“ اهي لفظ بعد ۾ ويٽ نام جي وزيراعظم ڦام وان ڊانگ چيا.

هوچي منهه جي پهل قدميءَ تي، مئي 1941ع ۾ ويٽ منهه فرنٽ (ويٽ نام آزاد ليگ) ٺاهيو ويو.

1942ع ۾ هوچي منهه، چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي سنٽرل ڪميٽيءَ سان ناتا قائم ڪرڻ لاءِ ويو، پر سرحد پار ڪندي، ڪومن ٽانگ اختياريءِ وارن هٿان جهلجي پيو. هن ڪومنتانگ جي اذيت وارين ڪوٺڙين ۾ ٻه سال گذاريا ۽ ذري گهٽ ٽيهن جيلن ۾ رهيو. ڪومن ٽانگ جي ڪال ڪوٺڙين ۾، هوچي منهه جي لکيل مشهور ’جيل ڊائري‘ اڄ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ پليءَ يت چاتي سجاتي وڃي ٿي.

1944ع ۾ پنهنجي وطن ايندي ئي، هوچي منهه پارٽيءَ جي سياسي ۽ تنظيمي ڪم تي وڌو ڌيان ڏنو. آگسٽ 1944ع ۾ هن ’ٽيوين ڪيونگ‘ ۾ پارٽيءَ جي ڪانفرنس منعقد ڪئي، جنهن عام فوجي بغاوت جي تياريءَ جو، ۽ ويٽ منهه فرنٽ جي لاءِ سياسي پروگرام جي خاڪي (Out Line) ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪو بعد ۾ پارٽيءَ ۽ عوام جو مکيه پروگرام ٿيو.

آگسٽ 15 ـ 16، 1945ع واري پارٽي ڪانفرنس کان جلد ئي پوءِ عوامي نمائندن جي ڪانگريس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ هوچي منهه جي مهنداريءَ هيٺ قومي آزاديءَ لاءِ ڪاميٽي چوندي وئي. جنهن کي بعد ۾ صوبائي جمهوري ريپبلڪ آف ويٽ نام جي گورنمينٽ اندر بيهر منظم ڪيو ويو.

1945ع وارو آگسٽ انقلاب ڪامياب ٿيو. 20 سيپٽمبر 1945ع ۾ هوچي منهه آزاديءَ جي تاريخي اعلان سان اڳتي وڌي آيو، جنهن جمهوري ريپبلڪ آف ويٽ نام جو افتتاح ڪيو.

1946ع ۾ قومي اسيمبليءَ جي چوندڊيل اجلاس جو پهريون سيشن ٿيو، جنهن ۾ يڪراءِ هوچي منهه کي جمهوري ريپبلڪ آف ويٽ نام جو صدر ۽ وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. (هن وزيراعظم جو عهدو 1955ع تائين ماڻيو).

فرانسي نوآبادگار، پنهنجي نوآباديءَ کي هٿان وڃائڻ جو نقصان سهي نـه سگهيا ۽ سيپٽمبر 1944ع ۾ هنن ويٽ نامي عوام جي خلاف جنگ شروع ڪري ڏني. جهڳڙي کي پرامن طريقي سان طئي ڪرڻ جي ڪيترين ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ، هوچي منهه 19 ڊسمبر 1946ع ۾، پنهنجي عوام کي، غيرملڪي اڳرائي ڪندڙن جي خلاف، مدافعتي جنگ ڪرڻ، مادر وطن جي خودمختياري ۽ آزادي، ۽ آگسٽ انقلاب جي سوڀ جو تحفظ ڪرڻ لاءِ سڏ ڏنو. هن اعلان ڪيو: ”اسان پنهنجي ملڪ جي بچاءَ ۽ آزاديءَ لاءِ هرڪنهن قسم جي قربانيءَ کي ترجيح ڏينداسين.“ انهيءَ عرصي ۾ هوچي منهه قومي ٻڌيءَ جي استحڪام تي خاص توجه ڏيندو هو. ”پاڻ، آزاديءَ جي لاءِ، عظيم عوامي جنگ جو روح هوندو هو“. بعد ۾ هوچي منهه جي زندگيءَ جي احوال جي مهاڳ ۾ ڦام وان ڊينگ لکيو.

1951ع ۾ پارٽيءَ جي ٻي ڪانگريس منعقد ٿي، جنهن ڪميونسٽ پارٽي آف انڊوچائنا جو نيو نالو ورڪنگ پيپلز پارٽي آف ويٽ نام، رکڻ جو فيصلو ڪيو. هوچي منهه انهيءَ جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جو يڪراءِ چيئرمين چوندڊيو ويو.

هوچي منهه جي اڳواڻيءَ هيٺ، فرانسي نوآبادگارن جي خلاف، آزاديءَ جي جنگ 1954ع ۾ مشهور ’ڊين بين ڦو‘ جي سوڀ تي، ۽ انهيءَ جنيوا امن ڏانهن نيو.

هوچي منهه ويٽ نامي عوام کي، جنگ ڪري آيل قومي اقتصادي تباهه ڪارين جو ازالو ڪرڻ لاءِ ۽ ملڪ جي پرامن تعمير ڪرڻ لاءِ منظم ڪرڻ لڳو. هن ڏس ۾ هوچي منهه ٻه پاڻ ۾ لاڳاپيل حڪمت عمليون پيش ڪيون: اتر ويٽ نام ۾ سوشلسٽ معاشري جي تعمير ڪرڻ، ۽ ڏکڻ ويٽ نام جي ازاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ پرامن طريقي سان ٻنهي حصن جو ٻيهر اتحاد ڪرڻ.

سيپٽمبر 1955ع ۾، هوچي منهه ويٽ نام جي محب وطن محاذ جو اعزازي چيئرمين چوندڊيو ويو، اِهو فرنٽ، لي ئن ويٽ فرنٽ جي بنياد تي ناهيو ويو.

سيپٽمبر 1956ع ۾، پيپلز ورڪنگ ڪاميٽي آف ويٽ نام جي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي وڌايل ڏهين اجلاس ۾ چيئرمين ڪامريڊ هوچي منهه کي سينٽرل ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ناهيو ويو.

پارٽيءَ جي ٽين ڪانگريس ۾، (جيڪا سيپٽمبر 1960ع ۾ منعقد ٿي) ڪامريڊ هوچي منهه کي يڪراءِ ورڪنگ پيپلز پارٽي آف ويٽ نام جو چيئرمين ۽ ڪامريڊ لي ديوئان کي فرسٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو.

پرامن تعمير ۽ آمريڪي سامراج خلاف ٿيندڙ جدوجهد جي ڏينهن ۾ هوچي منهه ملڪ جو وڏو دورو ڪيو ۽ آزاديءَ ساڻ، ڪارڪنن، ورڪرن ۽ هارين سان مليو ۽ ڪيترين ڪانفرنسن ۽ پارٽيءَ جي، رياست جي، ۽ عوامي تنظيمن جي ميٽنگن ۾ تقريرون ڪيائين ۽ کين چيائين تہ همت سان ڪم ڪيو ۽ آمريڪي سامراجين کي تڙي ڪڍڻ لاءِ فيصلي ڪن جدوجهد ڪيو.

ڪامريڊ هوچي منهه مارڪسزم ليننزم کي، ويٽ نام جي مخصوص حالتن پٽاندڙ، تخليقي انداز ۾ استعمال ڪيو. جيتوڻيڪ پاڻ رياستن جي معاملن ۾ تمام گهڻو مصروف رهيو، پوءِ بہ پارٽيءَ جي نظرياتي ۽ تنظيمي استحڪام ڏانهن گهڻي توجہ ڏنائين ۽ پڻ، پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ واري رول کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ۽ قومي محاذ کي مزدور هاري اتحاد جي بنيادن تي مضبوط ڪرڻ لاءِ لڳاتار پاڻ پتوڙيندو رهيو. هن قومي انقلابي ڪمن کي بين الاقوامي انقلاب سان ملائڻ جي ضرورت تي وڌيڪ زور ڏنو. هن ذري ذري ڌيان ڇڪايو تہ، پارٽيءَ ۽ عوام کي سوشلسٽ برادريءَ جو بچاءُ انتهائي سرگرميءَ سان ڪرڻ گهرجي، ۽ مارڪسزم لیننزم ۽ پرولتارين انٽرنيشنلزم جي بنيادن تي، بين الاقوامي ڪميونسٽ ۽ مزدور طبقي جي تحريڪ ۾ اتحاد ۽ استحڪام پيدا ڪيو وڃي، ۽ سڄي دنيا جي اندر قومي آزاديءَ لاءِ هلندڙ تحريڪن جِي، جمهوريت، سوشلزم ۽ امن جي، حمايت ڪرڻ گهرجي.

هوچي منهہ اتر ويٽ نام ۽ بين سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾، ڀائپي وارن ناتن کي وڏي پيماني تي فروغ ڏنو.

1955ع جي اونهاري ۾ هڪ سرڪاري وفد جي سرڪردگي ڪندي، هوچي منهه سوويت يونين، پيپلز چائنا ۽ منگوليا جو دورو ڪيو. جولاءِ ۽ آگسٽ 1957ع ۾ هن پارٽيءَ ۽ سرڪار جي هڪ وفد جي، عوامي جمهوري ريپبلڪ آف ڪوريا، چيڪوسلاوڪيہ، پولينڊ، جرمن ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ، هنگري، بلگيريا، البانيہ ۽ رومانيہ ڏانهن اڳواٽي ڪئي. 1957ع ۽ 1960ع وارين ڪميونسٽ ۽ ورڪرز پارٽين جي ڪانفرنسن ۾ بہ هن حصو ورتو. ڪيترا ڀيرا هيءُ سوويت يونين ۾ آرام ۽ سڪون ڪرڻ جي خيال سان پڻ آيو.

ڪامريڊ هوچي منهہ پڪو انٽرنيشنلسٽ هو. مرڻ کان اڳ هن ورڪنگ پيپلز پارٽيءَ کي حلف کڻايو تہ: ”هوءَ پنهنجي وت ۽ وس آهر مارڪسزم ليننزم ۽ بين الاقوامي پرولتاريہ جي بنياد تي عقل ۽ سجاڳيءَ جي رهبريءَ ۾، برادر پارٽين جي وچ ۾ اتحاد ۽ لاڳاپن کي بحال ڪرائڻ لاءِ اثرائتو حصو وٺندي.“

ڪامريڊ هوچي منهہ سڄي دنيا جي ترقي پسندن، ۽ انسان ذات جي روشن مستقبل لاءِ لڙندڙن جي دلين ۾ هميشہ هميشہ لاءِ زنده رهندو.

★

# لیننزم ڏانهن منهنجي راهه

1960ع

پهرين مهاياري لڙائيءَ ڪانپوءِ آئون پيرس ۾ فوٽن ۽ چيني سجاوٽ جي شين کي (جيڪي هڪ فرانسي دڪان ۾ ناهيا ويندا هئا!) درست ڪرڻ جو ڪم ڪندو هوس. آئون، فرانسي نوآبادگارن طرفان منهنجي ملڪ ۾ ٿيندڙ ڏوهن کي پڌرو ڪرڻ لاءِ چوپڙيون ورهائيندو هوس.

آئون، جذباتي طور آڪٽوبر انقلاب جو حامي هوس، سندس بين الاقوامي تاريخي اهميت کي سمجهڻ کان سواءِ، مان لينن جو، سندس ملڪ جي ماڻهن جي، سندن آزاديءَ لاءِ اڳواٽي ڪندڙ هڪ عظيم محب وطن جي حيثيت سان قدر ڪندو هوس. پر مون اجا تائين سندس ڪابه لکڻي ڪانه پڙهي هئي.

مان فرينچ سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيس، ڇاڪاڻ تہ اِهي ”مانوارا“ (پهرين مان پنهنجن ساٿين کي ائين سڏيندو هوس.) مون سان همدردي ڪندا ها ۽ محڪوم عوام جي مقصدن جا همدرد ها. مونکي پارٽيءَ، ٽريڊ يونين، سوشلزم ۽ ڪميونزم جي باري ۾ هڪ مبهم تصور هو.

انهيءَ وقت ۾، سوشلسٽ پارٽيءَ جي مختلف ڀاڱن جي وچ ۾، هن باري ۾ ڏاڍي دليل بازي ٿيندي هئي تہ، ٻي انٽرنيشنل ۾ رهجي، هنجي اڌ حصي کي منظم ڪجي يا، لينن جي ٽين انٽرنيشنل ۾ شريڪ ٿجي. مان پابنديءَ سان پنهنجي سيڪشن جي گڏجاڻين ۾، (جيڪي هفتي ۾ ٻہ يا ٽي دفعا ٿينديون هيون.) شريڪ ٿيندو هوس ۽ تقرير ڪندڙ کي ڌيان سان ٻڌندو هوس. پهرين تہ مان ڪجهہ بہ پليءَ پٽ سمجهي نٿي سگهيس. انهن پرجوش دليلن جو آخر ڪارج ڪهڙو؟ ڇا واقعي ٻي انٽرنيشنل اِهڙي طرح پلي ڪانہ هئي، جهڙي طرح ٻيو اڌ ۽ ٽين انٽرنيشنل؟ ۽ پهرين انٽرنيشنل جو ڇا ٿيو؟

پر سڀ کان وڌيڪ جا شي مان چاهيندو هوس، (جنهن جي باري ۾ انهن گڏجاڻين ۾ ڪوبہ بحث نہ ٿيندو هو.) هئي: ڪهڙي انٽرنيشنل محڪوم بينڪي عوام جو تحفظ ڪندي؟

هڪ گڏجاڻيءَ ۾ مون اِهو نازڪ سوال پڇيو. نہ ٽين انٽرنيشنل، نکي ٻي انٽرنيشنل، منهنجن ساٿين مونکي وراڻيو. ۽ منجهائن هڪ ساٿيءَ مونکي، **قومي ۽ بينڪي مسئلي تي لينن جي ٿيسز**، پڙهڻ لاءِ ڏني.

اِنهن مقالن ۾ استعمال ڪيل سياسي اصطلاح منهنجي سمجھ کان ٻاهر ها. پر ڪيترا گهمرا پڙهڻ کانپوءِ، مان انهن جي معنىٰ جي تت کي پڪڙي وٺندو هوس. انهن مونکي ڪيڏو جوش ڏنو، روشني ڏني ۽ قائل ڪيو. ايتريقدر جو مون خوشيءَ وچان روئي ڏنو. جيئن مان ماڻهن جي آڏو تقرير ڪندو هوس، تہ مون کان رڙ نڪري ويندي هئي: ’او! ڏکايل، اذيت ۾ پيڙجندڙ هم وطنو! اجهو، هيءُ آهي، جنهن جي اسانکي ضرورت آهي! اجهو، هيءُ آهي اسانجي آزاديءَ جو رستو!‘

انهيءَ گهڙيءَ کانپوءِ آئون دل ۽ من سان، لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل جو حامي ٿي پيس.

پنهنجي سيڪشن جي گڏجاڻين ۾ مان ويهندو هوس ۽ تقرير ڪندڙ کي ٻڌندو هوس، انهن مان هر ڇٽو مون کي صحيح لڳندو هو، مان غلط ۽ صحيح دليل بازيءَ جي وچ ۾ فرق ڪري نہ سگهندو هوس. پر پوءِ مان انهيءَ جدوجهد ۾ شامل ٿي ويس ۽ دليل بازيءَ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳس. جيتوڻيڪ مون کي فرانسي ٻوليءَ تي دسترس تمام گهٽ هئي، پر آئون لينن ۽ ٽين انٽرنيشنل جي مخالفن تي جمي حملا ڪندو هوس. منهنجو وڏو دليل اهو هو تہ: اوهان پنهنجو پاڻکي انقلابي ڪيئن ٿا سمجهو، جڏهن تہ اوهان بينڪي راڄ جي مذمت نٿا ڪريو، ۽ اوهان ستايل ۽ استحصال ٿيندڙ عوام جو بچاءُ نٿا ڪيو؟

مان ٻئي سيڪشن جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس ۽ اتي بہ ساڳيءَ طرح ’پنهنجي‘ ٿيسز جو بچاءُ ڪرڻ لڳس. مون کي اهو ٻورن سان ياد ڪرڻ گهرجي، تہ مونکي مارڪل ساچن، پال ويلينٽ ڪوٽيورير، گيستان مونموسيو ۽ ٻين طرفان ڏاڍي سهڪاري ملندي رهي. نيٺ، مون ’ٽوئرز‘ ۾، انهن سان گڏجي، ٽين انٽرنيشنل جي حق ۾ ووٽ ڏنو ۽ انهيءَ ۾ شامل ٿيس. سڀ کان پهرين اِها حب الوطني هئي، نکو ڪميونزم، جنهن مونکي لينن ۽ ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ويجهو آندو. صرف درجي بدرجي، آهستي آهستي، مارڪسي ليننی نظرئي جو مطالعو ڪندي ۽ عمل، ۽ عملي ڪم جي ذريعي مان اِهو سمجهڻ لڳس تہ، رڳو سوشلزم ۽ ڪميونزم ئي آهي، جيڪو محڪوم قومن ۽ سڄي دنيا جي محنت

ڪش عوام کي غلاميءَ جي گندگيءَ کان پاڪ ڪري سگهي ٿو. مون اِهو ڏٺو ته، سچي حب الوطني ۽ بين الاقوامي پرولتاريه کهڙي نه ريت هڪ ٻئي سان مليل آهن.

اسانجي ملڪ ۾، پڻ چين ۾، جادوءَ جي ريشمي ڳوٿريءَ جي حڪايت مشهور آهي: جڏهن به ڪا تڪليف ٿئي ته انهيءَ کي کولڻ سان اوهانکي حل ليي ويندو. ويٽ نامي عوام لاءِ لينننزم نه رڳو جادوءَ جي ڳوٿري آهي يا جادوءَ جو ڪمپاس، پر اهڙي روشني آهي، جيڪا اسانجي آخري سوپ، سوشلزم ۽ ڪميونزم ڏانهن ويندڙ راهه جي رهنمائي ڪري ٿي.

★

# لينن ۽ اوپر

1960ع

پهرين انٽرنيشنل، جنهن بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ جو پايو وڌو، سا پنهنجي تحريڪ جا رڳو ٽِپَ (Out Lines) جوڙي سگهي. چاڪاڻ تہ سندس وجود ٿورا ڏينهن رهيو. انهيءَ ڪري پهرين انٽرنيشنل مڪمل طور، منڍ کان آخر تائين نوآبادين جي سوال جو مطالعو نہ ڪيو.

جڏهن تہ، ٻي انٽرنيشنل، جنهن جي نمائندگي ميڪڊونلڊ، وانڊر ويلڊ، هينڊرسن، ٻليوم جهڙا اڳواڻ ڪري رهيا هئا. تنهن هن سوال ڏانهن گهٽو ڌيان ڏنو. ٻي انٽرنيشنل جي اڳواڻن، هر موقعي تي سختيءَ سان، سرمايہ دار ملڪن جي نوآبادين ۾ سامراجيانہ پاليسين سان اتحاد ڪيو. هنن ٻينڪين جي عوام جي، آزاديءَ لاءِ جدوجهد سان ڪابہ همدردي ڪانہ ڪئي. اجا بہ وڌيڪ جڏهن ميڪڊونلڊ اقتدار ۾ آيو، تہ هُن، سوڊانين ۽ ٻين ٻينڪين جي عوام جِي، ڏارين جي خلاف جدوجهد ڏانهن، ٻيلڊون ۽ چيمبرلين کان بہ وڌيڪ ڪِريل رويو اختيار ڪيو.

انهن حڪمرانن جي مهربانين سان، ديسي ڳوٺن تي بمباري ڪئي وئي. ٻينڪين جي رهواسين مٿان ناقابل بيان ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو. هرڪو چٽو، اڃن ۽ ديسين جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي مصالحتي پاليسيءَ کي ڄاڻي ٿو، ۽ ڪوڙن سوشلسٽن جي اثر هيٺ ٽريڊ يونينن ۾ ديسي پورهيتن کي ميمبر طور قبول نہ ڪرڻ کي هرڪو ڄاڻي ٿو. ٻي انٽرنيشنل جي پاليسي، پيٽي بورجوا تنظيم جي ڪردار جو سچو پچو اظهار هئي. اهو ئي سبب آهي جو آڪٽوبر انقلاب کان اڳ، ٻينڪي عوام سمجهندو هو تہ سوشلزم جي تعليم رڳو اڇن لاءِ آهي ۽ اهو سندن، استحصال ڪرڻ لاءِ هڪ نئون هٿيار آهي.

## لينن، ٻينڪي ملڪن ۾ هڪ نئين ۽ سچي انقلابي دور جو آغاز ڪيو.

لينن اهو پهريون اڳواڻ هو، جنهن اڏول تي، يورپي ۽ آمريڪي پورهيتن جي ذهنن ۾، ٻينڪي عوام جي خلاف، وينل تعصب جي مذمت ڪئي. سندس

نوآبادين جي باري ۾ ٿيسز، جنهن جي تصديق ڪامينٽيرن (Comintern) ڪئي، تنهن محڪوم ملڪن ۾ هڪ انقلاب آڻي ڇڏيو.

هيءُ پهريون شخص هو، جنهن سمجهيو ته دنيا جي انقلاب لاءِ لازمي آهي ته، ڪالونين جي مسئلي جو درست حل ڳوليو وڃي، ۽ هيءُ پهريون ئي شخص آهي، جنهن هن مسئلي جي اهميت جتائي ۽ انهيءَ تي زور ڏنو، ۽ ڪالونين جو مسئلو ڪامينٽيرن، بين الاقوامي ٽريڊ يونينن ۽ نوجوان ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڪانگريسن ۾ مکيه موضوع بڻيو.

هيءُ پهريون شخص هو، جنهن سمجهيو ته محڪوم ملڪن جي عوام جي جدوجهد کي انقلابي روپ ڏنو وڃي، هن انهيءَ جي اهميت جو قدر ڪندي، اهڙين ڪوششن کي همٿايو ۽ اهو محسوس ڪرايو ته، نوآبادين جي مظلوم عوام جي تحريڪن کان سواءِ ۽ سندن حصي ونڻ کان سواءِ، سوشلسٽ انقلاب جو تصور نٿو ڪري سگهجي.

پنهنجي مخصوص مشاهدي سان هن اِهو ڄاتو ته، ڪالونين ۾ ڪم جي ڪاميابيءَ جو دارومدار انهيءَ تي آهي ته، ايرنڊڙ قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي مڪمل طور استعمال هيٺ آندو وڃي، ۽ بين الاقوامي پرولتاريه، سوشلسٽ انقلاب آڻڻ ۾، انهن قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي حمايت ڪري پنهنجي لاءِ نوان سگهارا ساٿي بڻائي.

محڪوم ملڪن جا نمائندا، جيڪي ڪامينٽيرن جي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيا آهن، سي، لينن جي ڏانهُن ڏنل ڏيان کي ڪڏهن به وساري نه سگهندا. پنهنجي هن اڳواڻ ۽ ساٿيءَ کي، ۽ انتهائي منجهيل حالتن ۾ مقامي محنت ڪش طبقي جي خاص حالتن کي سمجهڻ ۾ سندس اعلىٰ صلاحيتن کي ڪڏهن وساري نه سگهندا. انهيءَ کان پوءِ اسان مان هرهڪ کي، سندس صحيح اندازن ۽ ملهائتين هدايتن تي پڪو ويساهه ٿيو.

بينڪين جي سوالن ڏانهن، لينن جي ماهرانه نظر جي ڪري ئي، محڪوم ملڪن جو انتهائي پوئتي پيل عوام سجاڳ ٿيو. انهن مسئلن ڏانهن لينني حڪمت عمليءَ جي پوئواري ڪندي، دنيا جي ڪميونسٽ پارٽين، بينڪي غلام عوام ڏانهن سهڪار لاءِ وک وڌائي ۽ موٽ ۾ انهن بينڪين جو عوام ڪميونسٽ تحريڪ ڏانهن ڇڪيو.

سوويٽ روس ۾، انتهائي منجهيل قومي سوال جي ليننـي حَـلَ، ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ طرفان انهيءَ ڪي عملي طور لاڳو ڪرڻ، اُهو سگهو هٿيار مهيا ڪيو تہ، بيٺڪين ۾ بہ انهيءَ حل جو پرچار ڪيو وڃي.

سپني مظلوم ۽ محڪوم عوام لاءِ، ظلم سان ڀريل تاريخ ۾، لينن اُهو انقلابي نقطو آهي، جنهن سندن وجود ۽ سندن ڦريل حقن کي مڃتا ڏني ۽ سندن تابناڪ مستقبل لاءِ هڪ نئين علامت ٿي بيٺو.

★

# هاري ڪارڪنن ڏانهن نياپو

## نومبر 1949ع

اسانجو ملڪ هڪ زراعتي ملڪ آهي.

ڏهن مان نوَ ڃڻا اسانجا ماڻهو هاري آهن. انهن ۾ وچولي درجي جا، غريب ۽ زمين جي مالڪيءَ کان محروم هاري آهن.

باضابطي عوامي ۽ مقامي فوج ۾، مليشيا ۽ گوريلن ۾ گهڻو ڪري هاري آهن.

فوج کي، مزدورن کي، آفيس ورڪرن کي غذا مهيا ڪرڻ جو پيداواري ڪم بہ هارين جي هٿان ٿئي ٿو.

پيچ ڊاهہ جو ڪم، دشمن فوج جي چوڪسي، روڊن جي مرمت، آمد و رسد جو سمورو ڪم هاري ڪن ٿا.

مختصر لفظن ۾ هاري اسانجي قوم جي وڏي ۾ وڏي طاقت آهن. اِهي وڏيڪ پروسي جهڙا مزدور طبقي جا اتحادي آهن.

بچاءَ جي لاءِ ۽ قومي تعمير جي مڪمل حاصلات جي لاءِ، خودمختياريءَ جي لاءِ ۽ بيهر بڌي ڪري پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ، اسانجن پنهنجن هارين جي قوت تي سڀ کان وڌيڪ پروسو ڪري سگهجي ٿو.

اسانجا هاري وڏي فاضل قوت آهن، حب الوطنيءَ جي جذبي سان سرشار، مستحڪم جدوجهد ڪندڙ ۽ قربانيون ڏيندڙ.

هارين ۾ تحريڪ هلائڻ لاءِ:

- ڊنگ سان کين منظم ڪيو وڃي.
- کين هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي متحد ڪيو وڃي.
- کين تربيت ڏني وڃي، تہ جيئن هو پنهنجن حقن ۽ پنهنجي قوت جو شعور رکن.
- سندن پنهنجي مفاد، يعني مادر وطن جي مفاد کي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ سندن اڳواٽي ڪئي وڃي.

• منجهن تحريڪ هلائي وڃي تہ هو چٽيءَ ريت قوم جي مفادن کي سمجهن، پنهنجي طبقي جي مفاد کي سمجهن ۽ هنن کي 'قومي نجات جي هارين جي جماعت' ۾ گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ شامل ڪجي. تہ جيئن هو پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرگرميءَ سان بچاءَ جي جنگ ۽ قومي تعمير ۾ شريڪ ٿين.

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هاري ڪارڪن داخليت پرستيءَ، ظاهري، ڏيکاءَ واري وضعداريءَ ۽ ڳاڙهي ڦيتي (Red Tape) واري غيرضروري ضابطي پرستيءَ کان پاسو ڪن.

صوبائي ڪارڪنن کي ضلعن ڏانهن ۽ ڳوٺن ڏانهن ضرور وڃڻ گهرجي.

ضلعي ڪارڪنن کي ڳوٺن ڏانهن ۽ جهوپڙين ڏانهن ضرور وڃڻ گهرجي.

ڪارڪنن کي پنهنجن اڌن ڏانهن وڃڻ گهرجي ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ گهرجي تہ هو سچ پچ صحيح ڪم ڪري رهيا آهن يا نہ. ساڳي وقت کين پنهنجي باري ۾ سوچڻ گهرجي تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن. هنن کي پنهنجي سموري توجہ ڪم ڏانهن ڏيڻ گهرجي، موقعي تي ئي جاچ ڪرڻ گهرجي، ضابطو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي، تجربن جي متاستا ڪرڻ گهرجي، انهن مان نتيجا ڪڍڻ گهرجن، اِهو ذهن ۾ رکندي تہ اِهي تجربا هارين کي مدد ڏيندا. ۽ هارين کان ٻڌڻ گهرجي.

تنظيمي ڪاميٽين ۽ پڻ هاري جماعت جي اڳواٽي ڪندڙ ٻادين ۾ غريب هارين ۽ ڪاتيدارن کي ڪم ڪار ۽ نظرداريءَ ۾ شريڪ ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪارڪن (هاري ڪارڪن توڙي رياست جا ڪارڪن) انهن اصولن جي سختيءَ سان پوئواري ڪندا تہ:

• پيداوار ۾ اضافو ٿيندو ۽ ڏڪار ختم ٿيندو.
• ويٽ نامي زبان جي سکڻ ۾ واڌارو ايندو ۽ جهالت ختم ٿيندي.
• ذارئي اڳرائي ڪندڙ کي ملڪ مان تڙي ڪڍڻ ۾ فوج، مليشيا ۽ گوريلا فورس کي مدد ملندي ۽ اسين ذارئي اڳرائي ڪندڙ کي تڙي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿينداسين.

★

# دانشورن سان گفتگو

## (21 جولاءِ 1956ع تي ويٽنام پيپلز يونيورسٽي ۾ سياسي ڪورس جي شاگردن جي آڏو ڪيل تقرير مان ٽڪرو)

مونکي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ اوهان مختلف عمرين، ڏنڏن ۽ صلاحيتن جي باوجود وڏيڪ ترقي حاصل ڪرڻ جي ساڳي هڪ ئي ارادي سان هتي آيا آهيو، تہ جيئن پنهنجي ڌرتيءَ ۽ عوام جي وڌيڪ مؤثر انداز ۾ خدمت ڪري سگهو. انهيءَ هڪ ئي سوچ جو اهو نتيجو آهي جو اوهان هتي ڪلاس ۾ بہ متحد آهيو. اتحاد هڪ وڏي سگهہ آهي، جيڪا سگهہ اسانکي سوين ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

اوهان جي سوچ ويچار لاءِ مان پنهنجا خيال هن ريت پيش ڪريان ٿو.

## انقلابي قوتون

مکيہ انقلابي قوتون، مزدور ۽ هاري آهن. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي تہ، اِهي سموري دولت جا خالق آهن، جيڪا سوسائٽيءَ کي زنده رکي ٿي، ۽ ڇاڪاڻ تہ اهي ڳاٽاني ۾ سيني کان گهڻا آهن. اهي آباديءَ جا سڀ کان وڌيڪ ڦرجندڙ ۽ لٽجندڙ حصا آهن، ۽ ڇاڪاڻ تہ انهن جو انقلابي جذبو ٻين سماجي پَرتن Social Strata کان وڌيڪ مضبوط ۽ سدائين قائم دائم رهي ٿو.

پوءِ بہ، انقلاب کي دانشورن (جن کي عام طور ذهني ڪم ڪندڙ ڪوٺيو ويندو آهي) جيَ قوت جي ضرورت پوي ٿي. مثال طور، عوام جي صحت کي قائم رکڻ لاءِ ڊاڪٽر ضروري آهن، عوام ۽ ورڪرن جي تعليم لاءِ استاد ضروري آهن، اقتصادي رٿابنديءَ لاءِ انجنيئر ضروري آهن.

اهڙيءَ ريت ذهني ڪم ڪندڙ، انقلاب ۾ ۽ سوشلسٽ تعمير ۾ ۽ شاندار ڪردار ادا ڪن ٿا. ۽ پورهيتن کي، هارين کي ۽ دانشورن کي هڪ ئي بلاڪ ۾ متحد ۽ هڪ ٻئي جي ويجهو هئڻ گهرجي.

# دانشورن جو پورهيتن ۽ هارين سان ويجهو ڳانڍاپو

نوآبادڪار ۽ جاگيردارانہ حڪومت سعيو ڪري دانشورن کي هارين ۽ مزدورن کان جدا رکنديون آهن. هنن اِهو خيال پيدا ڪيو آهي تہ، ”سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي پر، پڙهڻ لکڻ فضول آهي.“ هو دانشورن کي پنهنجن فائدن لاءِ، حڪومتي مشينريءَ جو حصو ڪري استعمال ڪن ٿا. هنن ذهني ڪم ڪندڙن ۽ جسماني ڪم ڪندڙن جي وچ ۾ اختلاف جو ٻج ڇٽيو آهي. اِهو سندن ”ورهايو ۽ حڪومت ڪيو،“ جي پاليسيءَ جو هڪ حصو آهي.

هاڻي اهو فرق آهستي آهستي ڪري ختم ڪيو ويندو ۽ پورهيو ڪندڙ عوام (ذهني پورهيو ڪندڙ ۽ جسماني پورهيو ڪندڙ) کي هڪ ٻئي جي ويجهو متحد ڪيو ويندو، تہ جيئن نئين خوشحال سوسائٽي جي تعمير لاءِ سڀ گڏجي جاکوڙ ڪن.

مان هن راءِ جو آهيان تہ، ٻنهي قسمن جي پورهيتن ۾، اتحاد لاءِ، دانشور کي سڀ کان اول اڳتي وک وڌائڻ گهرجي، ۽ هنن کي مزدورن ۽ هارين وٽ اچڻ گهرجي. مون کي يقين آهي تہ مزدورن ۽ هارين طرفان سندن گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي ويندي.

# مطالعي جو طريقو

مطالعو ڪرڻ سڄي حياتيءَ جو معاملو آهي. نظرئي کي، عملي ڪم سان ٻڌ ڪيو وڃي. ڪوبہ هڪ ڄڻو مڪمل ڄاڻ ۽ وسيع علم هئڻ جي دعوىٰ نٿو ڪري سگهي. دنيا هر پل پئي ترقي ڪري. اسان جو عوام ڏينهون ڏينهن اڳتي وڌي رهيو آهي. اسان کي، انهيءَ ڪري، مطالعو جاري رکڻ گهرجي؛ ۽ جيڪو اسان سکيو آهي، اڳتي وڌندڙ عوام جي اوسر سان گڏوگڏ انهيءَ کي عمل ۾ آڻڻ گهرجي.

اوهان جيڪو وقت ڪلاس ۾ خرچ ڪيو ٿا، سو نسبتن گهٽ آهي. انهيءَ ۾ مطالعي جو مقصد نڪو وڌي سگهي ٿو ۽ نڪو بلند ٿي سگهي ٿو. اوهان جيڪو ڪجهہ هتي پرايو ٿا، سو هڪ ننڍڙي ٻج جي داڻي مثل آهي. هن کان پوءِ اوهان کي انهيءَ ٻج جو خيال ۽ سنڀال ڪرڻي آهي. انهيءَ ٻج کي سلي ۾ اپارڻ

گهرجي ۽ انهيءَ سلي کي آهستي آهستي ڪري ميوو ڏيندڙ وڻ ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي.

منهنجي ذاتي خيال پٽاندڙ انهيءَ ٻج کي هنن ٻارهن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو: يونيورسٽيءَ جي تعليم جو نظريو هيءُ آهي تہ، اعليٰ ڳڻ اجاگر ڪيا وڃن ۽ انهن کي عوام سان ڳنڍيو وڃي. (Dai hoc chi dao, tai minh minh duc, tai than dan,)

مختصر طور، Minh minh duc, جي معنيٰ آهي تہ: درست سوچ هئڻ گهرجي. ۽ than dan جي معنيٰ آهي تہ: عوام جي خدمت ڪريو ۽ عوام جي مفاد کي سيني ڪان مٿي رکو.

ٻين لفظن ۾: ”اڳ ۾ عوام وٽ وڃڻ جي تڪليف برداشت ڪيو، ۽ عوام سان ملي وڃڻ ڪان پوءِ خوشي ماڻيو“.

اسان سيني کي پراڻي سوسائٽيءَ جي ورثي مان گهٽ يا وڌ، ويچار، عادتون ۽ طور طريقا مليا آهن. انهيءَ ڪري هنن ٻن لفظن Chin tam (درست سوچ) کي عملي روپ ڏيڻ ڪا آسان ڳالهہ ڪانہ آهي.

اسان کي پنهنجو پاڻ ۾، نئين ۽ پراڻي جي وچ ۾ سخت، مشڪل ۽ لڳاتار جدوجهد جي دور مان گذرڻو پوندو. جيڪڏهن اسين مستقل مزاج ۽ پڪا آهيون تہ نئون ڪٽندو، پراڻو هارائيندو ۽ صحيح فڪر (يا سالم دماغ) حاصل ٿيندو.

## سوچ جي آزادي

اسان جي حڪومت هڪ جمهوري حڪومت آهي، انهيءَ ڪري سوچڻ ۽ فڪر جي عام آزادي آهي. آزادي ڇا آهي؟ هر معاملي ۾، هر ڇٽو، سچائيءَ کي واضح ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ لاءِ، پنهنجي نقطہ نظر پيش ڪرڻ ۾ آزاد آهي. اهو سيني ماڻهن جو حق ۽ ساڳي وقت فرض بہ آهي.

آزاديءَ سان هر ڇٽي جي نقطہ نظر پيش ٿيڻ ڪانپوءِ ۽ سچائيءَ کي قائم ڪرڻ ڪانپوءِ، فڪر جي آزادي، سچائي جي تعميل ڪرڻ، جي آزاديءَ ۾ تبديل ٿيو وڃي.

سچائي اها آهي تہ جنهن مان پنهنجيءَ ڌرتيءَ ۽ عوام کي فائدو رسي. جيڪو بہ وطن جي لاءِ ۽ عوام جي لاءِ نقصانڪار آهي، اهو سچ ناهي. وطن ۽ عوام جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، سچائيءَ جي تعميل ڪرڻ آهي.

# پارٽيءَ ۽ سرڪار جو دانشورن ڏانهن رويو

انقلابي قوتن جي هڪ حصي جي حيثيت سان، دانشورن جو اهو لازمي ڪم آهي تہ هو وطن ۽ عوام جي خدمت ڪن.

اسان جي پارٽي ۽ حڪومت، انهيءَ ڪري انهن عوامي دانشورن ڪي انتهائي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿي، جيڪي عوام لاءِ ڪم ڪن ٿا.

ملڪ جي تعمير لاءِ ضروري آهي تہ سُنن دانشورن ۾ اضافو آندو وڃي. پارٽي ۽ سرڪار هڪ طرف، اِها جستجو ڪندي تہ موجوده نسل جي دانشورن جي واڌاري ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿئي، ۽ ٻئي طرف، نون دانشورن جي تربيت لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي.

پارٽي ۽ سرڪار دانشورن کي تعليم جي ذريعي مدد ڪندي، تہ جيئن منجهن، پختي طبقاتي موقف اختيار ڪرڻ جو انداز، درست نقطہ نظر، واضح سوچ ۽ جمهوري طور طريقا پيدا ٿين. مختصر طور، دانشورن جي، منجهن درست سوچ پيدا ڪرڻ ۽ عوام سان ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي.

جيتري قدر تعليم جي طريقي جو تعلق آهي، تہ اُهو رضا خوشيءَ ۽ پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ Self Consciousness جي اصول جي پوئواري ڪندڙ هجي. تعليم جا طريقا ارهہ زورائي ۽ جبر جي بجاءِ وضاحتن، بحث مباحثن ۽ هڪ ٻئي کي قائل ڪرڻ تي ٻڌل هجن. دانشورن کي گهرجي تہ هو تجربن ۽ مطالعي ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪن. هنن کي اِهو بہ ڏيکاريو وڃي تہ ”ايماندارانہ خود تنقيد ۽ سڌي سنئين صاف تنقيد“ عمل ۾ ڪيئن آندي وڃي، تہ جيئن هو لڳاتار ترقي ڪن، هڪ ٻئي سان متحد ٿين ۽ پنهنجي مادر وطن ۽ عوام جي خدمت ڪن.

★

# شاديءَ ۽ خاندان تي قانوني مسودو

## آڪٽوبر 1959ع

ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته، جيئن ته مان ڪنوارو آهيان، انهيءَ ڪري هن سوال تي مڪمل ڄاڻ نٿو رکان. جيتوڻيڪ مونکي پنهنجو ڪوبہ خاندان ڪونہ آهي، انهيءَ هوندي بہ مونکي هڪ وڏو خاندان آهي ـــ سڄي دنيا جو محنت ڪش طبقو ۽ ويٽ نامي عوام. مان انهيءَ وڏي خاندان منجهان، ننڍڙي خاندان جو تصور ۽ اندازو ڪري سگهان ٿو.

موجوده وقت ۾ اسانجو سمورو عوام سوشلسٽ تعمير ڪرڻ چاهي ٿو. سوشلسٽ تعمير لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

پيداوار ڪي، جيترو ممڪن ٿي سگهي، وڌايو وڃي. پيداوار ڪي وڌائڻ لاءِ، وڏيڪ انساني پورهئي جي سگهہ جي ضرورت آهي. ۽ اهو تڏهن اطمينان جوڳي انداز ۾ حاصل ٿي سگهندو، جڏهن اسين عورت جي پورهئي جي سگهہ ڪي آزاد ڪرائينداسين.

عورت، معاشري جو اڌ ڀاڱو جوڙي ٿي. جيڪڏهن عورتون آزاد ناهن، تہ انهيءَ جي معنيٰ اها ٿي ته، اڌ معاشرو آزاد نہ آهي.

جيڪڏهن عورت آزاد نہ آهي، تہ سوشلزم جي رڳو اڌ تعمير ٿيندي. اهو درست آهي تہ خاندان ۾گهري دلچسپي ورتي وڃي، ۽ گهڻا خاندان گڏجي، معاشرو ناهين ٿا. هڪ سٺو معاشرو؛ سٺا خاندان جوڙي ٿو. ۽ اهڙي ريت سلسلو هلندو رهي ٿو. معاشري جو ڳيپ خاندان آهي. سوشلزم جي تعمير لاءِ، ضروري آهي تہ ڳيپ ڏانهن مڪمل ڌيان ڏنو وڃي. جهڙي ريت چوڻي آهي تہ: ”ازدواجي لاڳاپن ۾ جيون جي، سرتال جي هم آهنگيءَ جو مزو ماڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ، شادي سچي پيار جي بنياد تي ٻيڌل هجي.“

قومي اسيمبليءَ ۾، شاديءَ جي باري ۾ جيڪو قانوني مسودو، پيش ڪيو ويندو، سو هڪ انقلابي قدم آهي، ۽ سوشلسٽ انقلاب جو نہ ڇڄندڙ ڀاڱو آهي.

جنهن ڪري، انهيءَ ڪي سمجهڻ لاءِ اسانکي پرولتاري موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. اهو درست نہ ٿيندو، جيڪڏهن اسان جي سمجهہ جاگيرداري، بورجوا يا پيٽي بورجوا بنيادن تي ٻڌل هوندي.

عورت کي آزاد ڪرڻ ئي، شاديءَ جي باري ۾ پيش ٿيندڙ قانون جو مقصد آهي. انهيءَ جو مطلب ٿيو، اڌ سوسائٽي کي آزاد ڪرڻ.

مرد جي ذهن مان، جاگيرداري ۽ سرمائيداري سوچ کي ناس ڪرڻ سان ئي عورت جي آزاديءَ جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

جيتري قدر عورتن جو پنهنجو تعلق آهي، هنن کي پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ حڪومت يا پارٽيءَ جي هدايتن جو انتظار نہ ڪرڻ گهرجي. تہ: پارٽي يا حڪومت جي هدايتن تي کين آزادي ملي ويندي. پر هنن کي پنهنجو پاڻ تي ڀاڙڻ گهرجي، ۽ پنهنجي آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

پارٽي هي قانون ضرور نافذ ڪندي. تياريءَ کان وٺي، پيش ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ تائين. ڇاڪاڻ تہ هيءُ انقلاب جو حصو آهي. پارٽيءَ جي اڳواٽيءَ جو مقصد آهي تہ، هن قانون کي سمورا ڪارڪن ۽ پارٽيءَ جا ميمبر سختيءَ سان لاڳو ڪن ۽ ٻين نوجوانن ۽ عورتن جي تنظيمن جي رهبري ڪن، تہ جيئن اهي بہ سختيءَ سان، درست نموني ۾ هن قانون کي تعميل هيٺ آڻن.

## هن قانون جي تعميل ۾:

- هڪ طرف تہ، سولائي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسانجن ماڻهن جي پارٽيءَ تربيت ڪئي آهي ۽ اسانجن ماڻهن تمام گهڻو واڌارو ڪيو آهي.
- ٻئي طرف تہ، ڪيتريون دقتون درپيش اينديون. ڇاڪاڻ تہ ڊگهي عرصي کان پراڻين عادتن ۽ رواجن جا بنياد، اڃا تائين اسانجن ماڻهن منجهہ هيٺ گهرائيءَ ۾ پيل آهن. اهو ئي سبب آهي جو، رڳو قانون جي اعلان ڪرڻ سان، انهيءَ جي تعميل ٿي نہ سگهندي. پر ڊگهي عرصي جي پرچار ڪرڻ، ۽ تعليم ڏيڻ سان ئي هن جا سٺا نتيجا نڪرندا.

مونکي اميد آهي تہ اوهان پنهنجي ليکي، پلي ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندا، ثابت قدم رهندا، ۽ هن قانون کي اطمينان بخش نموني سان تعميل هيٺ

آڻيندا. اوهان جو خاص ڌيان ڇڪايان ٿو، محتاط رهندا. ڇاڪاڻ ته هي قانون، خاندان، معاشري ۽ قوم جي مستقبل تي تمام گهڻو اثر ڇڏيندو.

★

ٽيڪسٽ اِنپٽ ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ:
سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami